# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1980

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1980

# سنڌ ريٽينڊ پريميسز (ترميم) آرڊيننس، 1980

# THE SINDH RETEND PREMISES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 14 جي ترميم

Amendment of section 14 of Sindh Ordinance XVII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Sindh Ordinance XVII of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII ۾ دفعہ 15_A جو اضافو

Insertion of section 15_A in Sindh Ordinance XVII of 1979

5. پريميسز جي ذاتي استعمال ڪانسواءِ ٻئي استعمال تي ڏنڊ

Penalty for use of premises other than personal use

6. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 27 جي ترميم

Amendment of section 27 of Sindh Ordinance XVII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1980

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1980

# سنڌ ريٽينڊ پريميسز (ترميم) آرڊيننس، 1980

# THE SINDH RETEND PREMISES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

[21 جنوري 1980]

هڪ آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ رينٽيڊ پريميسز آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ رينٽيڊ پريميسز آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ رينٽيڊ پريميسز (ترميم) آرڊيننس، 1980 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ سمجهيو ويندو تہ 21 نومبر

| | |
|---|---|
| commencement | 1979 کان لاڳو ڪيو ويو آهي. |
| 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 14 جي ترميم<br>Amendment of section 14 of Sindh Ordinance XVII of 1979 | 2. سنڌ رينٽيڊ پريميسز آرڊيننس، 1979 ۾ (جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڇاڙايل آرڊيننس سڏيو ويندو) ان جي دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (4) کي ختم ڪيو ويندو. |
| 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 15 جي ترميم<br>Amendment of section 15 of Sindh Ordinance XVII of 1979 | 3. ڇاڙايل آرڊيننس جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (3) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کان اڳ ۾، لفظن "ان مقصد لاءِ هو بئي آرڊر ڪيڙڻ جي لاءِ ڪنٽرولر کي درخواست ڏئي سگهي ٿو" کي وڌايو ويندو. |
| 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII ۾ دفعہ 15_A جو اضافو<br>Insertion of | 4. ڇاڙايل آرڊيننس ۾، دفعہ 15 کانپوءِ هيٺيون نئون دفعہ شامل ڪيو ويندو: |

section 15-A in Sindh Ordinance XVII of 1979

پريميسز جي ذاتي استعمال ڪانسواءِ ٻئي استعمال تي ڏنڊ

Penalty for use of premises other than personal use

“15-A. جتي زميندار جنهن دفعہ 14 هيٺ هڪ عمارت جو قبضو حاصل ڪيو آهي يا دفعہ 15 جي شق (vii) تحت علائقي جو قبضو حاصل ڪيو آهي، عمارت يا ان جي حدن کي اڳوٽي ملازم ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص جي نالي ڪري ٿو يا ذاتي استعمال ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص جي قبضي هيٺ هڪ سال جي عرصي تائين رکي ٿو ان کي ڏنڊ جي سزا ڏني ويندي جيڪا عمارت يا علائقي جي هڪ سال جي ڀاڙي کان وڌيڪ نہ هوندي، جيڪا قبضو وٺڻ جي پهرين ڏينهن کان واجب الادا هوندي.”

1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 27 جي ترميم

Amendment of section 27 of Sindh Ordinance XVII of 1979

5. چاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 27 جي ذيلي دفعہ (2) ڪانپوءِ، هيٺيون نئون ذيلي دفعہ وڌايو ويندو:

“(3) اهي سمورا ڪيس جيڪي آرڊيننس جي ذيلي دفعہ (1) هيٺ ڪيا ويا ۽ جيڪي هن آرڊيننس جي نافذ ٿيڻ کان فوري اڳ ڪنٽرولر سامهون التويٰ هيٺ پيل هئا، جيستائين ڪنٽرولر طرفان ڪي ٻيا حڪم جاري نہ ڪيا ويا هجن، اهي هن آرڊيننس جي گنجائش موجب جاري رکيا ۽ نيڪال ڪيا ويندا ۽ ڪيل ڪنهن ڪارروائي يا مٿي ڄاڻايل سلسلي ۾ ڏنل حڪم تي سموريون ڪارروايون ۽ حڪم هن آرڊيننس تحت ڪارگر هوندا.

(4) جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (2) جي گنجائش خلاف نہ
هجي تيستائين ان سلسلي ۾ جاري ڪيل سمورا حڪم ۽
آرڊيننس تحت جاري ڪيل حڪم جيڪو ذيلي دفعہ (1)
مطابق هجي، سمجهيو ويندو ان تي هن آرڊيننس جي نافذ ٿيڻ
کان اڳ ٿيل ڪارروائي ۾ هن آرڊيننس تحت ڪيل حڪم ۽
دفعہ 22 جي گنجائش موجب عمل ڪيو ويو آهي.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**